# مُڙدي جي بي وسي

سنڌي ترجمو



هن رسالي ۾ ......


❁ مڙدو ڇا چوندو آهي؟ 2 ❁ شاهي موت 6

❁ جنازي جو اعلان 13 ❁ گنج وارو اژدها 20

❁ T.V ڏسڻ مرڻ تي قبر جو عذاب 15



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه


مدني چينل ڏسندا رهو


مكتبة المدينه
(دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماء! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج 1 ص 40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهي ڇڏيو)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

13 شوال المڪرم 1428هه


رسالي جو نالو: **مڙدي جي بيوسي**

تاريخ اشاعت: محرم الحرام 1437هه، نومبر 2015ع

تعداد: 3000

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه، بابُ المدينه ڪراچي.



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي.


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# مڙدي جي بيوسي

هي رسالو "مردے کی بے بسی" شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال مُحَمّد الياس عَطار قَادِري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

## پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)


**رابطي جي لاءِ:**

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز
فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# فهرست


| | |
|---|---|
| دُرود شريف جي فضيلت | 1 |
| مڙدو ۽ غسل ڏيندڙ | 1 |
| مڙدو ڇا چوندو آهي؟ | 2 |
| سڄي عمر جي پَڇ ڏُک | 3 |
| قبر جي دل ڏڪائيندڙ ڪهاڻي | 4 |
| شاهي موت | 7 |
| سلطنت ڪم نہ آئي | 7 |
| دنيا ۾ اچڻ جو مقصد | 8 |
| وزارتون ڪم نہ ايندیون | 9 |
| چار بي بنياد دَعوائُون | 10 |
| پهرين دعوٰي "مان الله (عَزَّوَجَلَّ) جو پانهو آهيان" | 11 |
| ٻين دعوٰي الله عَزَّوَجَلَّ ئي روزي ڏيڻ وارو آهي | 11 |
| ٽين دعوٰي "دنيا کان آخرت بهتر آهي" | 12 |
| چوٿين دعوٰي "هڪ ڏينهن مرڻو پوندو" | 12 |
| جنازي جو اعلان | 13 |
| مڙدن سان گفتگو | 14 |
| T.V. ڇڏي مرڻ تي قبر جو عذاب | 15 |
| آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪباد | 17 |
| حيلا بهانا نہ ڪريو | 18 |
| خوفناڪ وادي | 20 |
| گنجو اَزدها | 20 |
| 40 ڏينهن تائين نمازون نامقبول | 21 |
| شيرِ خُدا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي شراب کان نفرت | 22 |
| ظالِم والِدين جي بہ اطاعت | 22 |
| واعدي خلافي جو وبال | 23 |
| پيٽ ۾ نانگ … | 23 |
| 36 پيرا زِنا کان وڏيڪ بُرو | 24 |
| جهنم جو ڪاڏو | 24 |
| سنت جون بهارون | 25 |
| قبر ۾ دفن جا 22 مدني گل | 26 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مڙدي جي بيوسي*

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري هي بيان مڪمل پڙهي ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## دُرُود شريف جي فضيلت

حُضُور سراپا نور، شافِعِ يومُ النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد نورُ علٰي نُور آهي: ”مون تي دُرُود شريف پڙهي پنهنجي مجلس کي سينگاريو، جو توهان جو دُرُود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نُور هوندو.“

(اَلْفِردَوس بماء ثور اَلْخِطاب ج 2 ص 291 حديث 3330)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مڙدوءِ غسل ڏيندڙ

زبردست عالم ۽ مُحدِّث ۽ مشهور تابعي بُزُرگ حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان مروي آهي تہ مرڻ وارو هر شيءِ کي ڄاڻيندو آهي، ايستائين جو غُسَّال (يعني غسل ڏيندڙ) کي چوندو

---

*هي بيان امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلاميءَ جي ٽي روزه سنّتن ڀري اجتماع (11،12،13 شعبان المعظم 1423 ھ بروز آچر مدينة الاولياء ملتان شريف) ۾ فرمايو. ترميم ۽ اضافي سان گڏ حاضرِ خدمت آهي. (مجلس مکتبة المدينہ)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

آهي، تو کي خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم آهي تون غُسل ۾ مون سان نرمي ڪر ۽ جڏهن اهو پنهنجي جنازي جي ڪٽ تي هوندو آهي تہ ان کي چيو ويندو آهي: ”پنهنجي باري ۾ ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌ.“ (شرحُ الصّدور ص 95)

# مڙدو ڇا چوندو آهي؟

اميرُالمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ روايت ڪن ٿا تہ نبي ڪريم، رءوفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مڙدو جڏهن تختي تي رکيو ويندو آهي ۽ ان کي ڪٽي اڃا ٽي قدم ئي هلندا آهن تہ اهو ڳالهائيندو آهي ۽ ان جي ڪلام کي انسانن ۽ جِنّن کان علاوه اللّٰه تعالٰي جنهن کي چاهيندو آهي ٻڌرائيندو آهي. مڙدو چوندو آهي: ”اي منهنجا ڀائرو! ۽ اي منهنجي جنازي کي کڻڻ وارؤ! دنيا توهان کي ڌوڪي ۾ نہ وجهي جيئن مونکي ڌوڪي ۾ رکيو ۽ زمانو توهان سان نہ کيڏي جيئن مون سان کيڏيو، مون جيڪو ڪجهه ڪمايو اهو پنهنجي وارثن جي لاءِ ڇڏيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قيامت واري ڏينهن مون کان حساب وٺندو ۽ منهنجي پڪڙ فرمائيندو، حالانڪ توهان ماڻهو مون کي رخصت ڪيو ۽ سڏيو ٿا (يعني منهنجي لاءِ روئو) ٿا. (شرح الصدور ص 96 ڪتاب القبورمع موسوعة ابن اَبِي الدُّنيا ج 6 ص61 حديث 25)

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

جیتنے دنیا سکندر تھا چلا
جب گیا دنیا سے خالی ہاتھ تھا

# سڄي عمر جي پَڇ ڏُک

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ان وقت ڪيتري لاچاري هوندي جڏهن روح جسم کان جدا ٿي چڪو هوندو، اهو ڪيتري قدر بي وسيءَ جو عالم هوندو جنهن وقت قيمتي ڪپڙا لاهي رهيا هوندا، غُسَّال وهنجاري رهيو هوندو، هرڪ جو ڪفن پهرايو ويندو، ڪيڏي نه حسرت جي گهڙي هوندي جڏهن جنازو کنيو ويندو، هاءِ! هاءِ! اها دنيا جنهن کي سنوارڻ جي لاءِ سڄي عمر پَڇ ڏُک ڪئي هئي، جنهن جي خاطر راتين جون ننڊون قربان ڪيون هيون، طرح طرح جا خطرا پنهنجي سِر تي کنيا هئا، حسد ڪندڙن جون رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جي باوجود بہ جان جوکي ۾ وجهي دنيا جو مال ڪمائيندو رهيس، دولت گڏ ڪندو رهيس، گهر کي نهايت ئي اهتمام سان مضبوط تعمير ڪيو هو، ان کي طرح طرح جي فرنيچر سان سينگاريو هو، اهو سڀ ڇڏي رخصت ٿيڻو پوندو، آهہ! قيمتي لباس ڪِليءَ يا هينگر ۾ ٽنگيل رهجي ويندو، ڪار هوندي تہ گيريج ۾ بيٺل رهجي ويندي، راند روند جون شيون، نفس پرستي ۽ فرحت جا ذريعا ۽ هر طرح جو سامان بيڪار جو بيڪار رهجي ويندو، ان وقت

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)

مڙدي جي بي وسي انتها کي پهچندي جڏهن ان کي روشنين جي چمڪندڙ عارضي خوشين سان مسڪرائيندڙ ناپائيدار دنيا جي گهر کان ڪڍي انڌيري قبر ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ ڪلهن تي کڻي قبرستان جي طرف هلڻ لڳندا.

عالم انقلاب ہے دُنیا　　چند لمحوں کا خواب ہے دُنیا
فخر کیوں دل لگائیں اِس سے　　نہیں اچّھی، خراب ہے دُنیا

## قبر جي دل ڏڪائيندڙ ڪهاڻي

حضرت سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ جنازي سان گڏ قبرستان تشريف کڻي ويا، اتي هڪ قبر تي ويهي غور ۽ فڪر ۾ پئجي ويا، ڪنهن عرض ڪيو: اي اميرالمُؤمنين اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هتي اڪيلا ڪيئن تشريف فرما آهيو؟ فرمايائون: ”هاڻي هاڻي هڪ قبر مون کي سڏي گهرايو ۽ چوڻ لڳي: اي عمر بن عبدالعزيز (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) مون کان ڇونه ٿو پڇين ته مان پنهنجي اندر اچڻ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪندي آهيان؟ مان ان قبر کي چيو: مون کي ضرور ٻڌاءِ. اها چوڻ لڳي: جڏهن ڪو منهنجي اندر ايندو آهي ته مان ان جو ڪفن ڦاڙي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ۽ ان جو گوشت کائي ڇڏيندي آهيان، ڇا توهان مون کان هي نه پڇندؤ ته مان ان جي سَنڌن سان ڇا

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه پيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰى ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو- (طبراني)

ڪندي آهيان؟ مون چيو، اهو به ٻڌاءِ. ته چوڻ لڳي: هٿن کي ڪَراين کان، گوڏن کي پنين کان ۽ پنين کي قدمن کان جدا ڪري ڇڏيندي آهيان. ايترو چوڻ کان پوءِ حضرت سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سڏڪا ڀري روئڻ لڳا .جڏهن ماٺ ٿيا ته ڪجهه هن طرح عبرت جا "مدني گل" ٻڌائڻ لڳا: اي اسلامي ڀائرو! هن دنيا ۾ اسان کي تمام ٿورو عرصو رهڻو آهي، جيڪو هن دنيا ۾ صاحبِ اقتدار آهي اهو (آخرت ۾) انتهائي ذليل ۽ خوار هوندو. جيڪو هن دنيا ۾ مالدار آهي اهو (آخرت ۾) فقير هوندو. هن جو جوان پوڙهو ٿي ويندو ۽ جيڪو زنده آهي اهو مري ويندو، دنيا جو توهان جي طرف اچڻ توهان کي ڌوڪي ۾ نه وجهي، ڇو ته توهان ڄاڻو ٿا ته هي تمام جلد رخصت ٿي ويندي آهي. ڪيڏانهن ويا قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا بيت الله جو حج ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا رمضان جا روزا رکڻ وارا؟ خاڪ انهن جي جسمن جو ڇا حال ڪري ڇڏيو؟ قبر جي ڪيڙن انهن جي گوشت جو ڇا انجام ڪري ڇڏيو؟ انهن جي هڏين ۽ سَنڌن سان ڇا ٿيو؟ الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! دنيا ۾ هي آرام ڏيندڙ نرم نرم بسترن تي هوندا هئا پر هاڻي اهي پنهنجي گهروارن ۽ وطن کي ڇڏي ڪري راحت کان پوءِ تنگيءَ ۾ آهن، انهن جي اولاد گلين ۾ دربدر آهي ڇو ته انهن جي

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)

بيواهن ٻيا نڪاح ڪري ٻيهر گهر آباد ڪيا، انهن جي رشتيدارن انهن جا گهر ۽ ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڇڏي. وَاللهِ! انهن مان ڪجهه خوشنصيب آهن جيڪي قبرن ۾ مزا ماڻي رهيا آهن ۽ والله! ڪجهه اهڙا آهن جيڪي قبر جي اندر عذاب ۾ گرفتار آهن.

**افسوس صد هزارافسوس**، اي نادان! جو اڄ مرڻ وقت ڪڏهن پنهنجي پيءُ جون، ڪڏهن پنهنجي پٽ جون ته ڪڏهن سڳي ڀاءُ جون اکيون بند ڪري رهيو آهين، انهن مان ڪنهن کي وهنجاري رهيو آهين، ڪنهن کي ڪفن پارائي رهيو آهين، ڪنهن جي جنازي کي ڪلهن تي کڻي رهيو آهين، ڪنهن جي جنازي سان گڏ وڃي رهيو آهين، ڪنهن کي قبر ۾ دفنائي رهيو آهين. (ياد رک! سپاڻي هي سڀ ڪجهه توسان به ٿيڻ وارو آهي) ڪاش مون کي علم هجي ها! ڪهڙو ڳل (قبر ۾) پهريان سڙندو. پوءِ حضرت سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ روئڻ لڳا ۽ روئيندي روئيندي بيهوش ٿي ويا ۽ هڪ هفتي کان پوءِ هن دنيا مان رُخصت ٿي ويا. (اَلرَّوضُ الفائِق ص 107 ملخصًا)

حجَّةُ الاسلام حضرتِ سَيِّدُنا امام محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه احياءالعلوم ۾ فرمائن ٿا: وفات جي وقت حضرت سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي زبان تي هيءَ آيت ڪريمہ جاري هئي:

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰی ان تی سؤ رحمتون نازل فرمائی ٿو. (طبراني)

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِیْنَ لَا یُرِیْدُوْنَ عُلُوًّا فِی الْاَرْضِ وَ لَا فَسَادًا ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِیْنَ ﴿۸۳﴾

ترجموڪنزالايمان: هي آخرت جو گهر اسان انهن جي واسطي ڪندا آهيون جيڪي زمين ۾ وڏائي نہ چاهيندا آهن ۽ نہ فساد ۽ چڱي پڇاڙي پرهيزگارن جي ئي آهي.

(پ٢ 20 القصص:٨٣ (83) (احياء العلوم ج5 ص230)

## شاهي موت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرتِ سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي هيءَ رِقّت انگيز حڪايت عقلمندن جي لاءِ زبردست عبرت واري تنبيهه آهي. شاهي موت جو هڪ وڏيڪ واقعو سماعت فرمايو، جيئن تہ حجّةُ الاسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه احياء العلوم ۾ فرمائن ٿا: بلڪل سڪرات جي عالم ۾ ڪنهن خليفي عبدُالمَلِڪ بن مروان کان پڇيو: هن وقت توهان پاڻ کي ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟ جواب ڏنائون بلڪل ائين ئي جيئن قرآن مجيد جي ستين سيپاري ۾ سورۃُالانعام جي آيت نمبر 94 ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ:

وَ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ تَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ

ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ توهان اسان وٽ اڪيلا آيا جيئن پهريون ڀيرو اسان توهان کي پيدا ڪيو هو ۽ ڇڏي آيا پُٺيءَ پٺيان جيڪو مال متاع اسان توهان کي ڏنو هو.

(احياءُ العلوم ج 5 ص 230)

## سلطنت ڪم نہ آئي

حجّةُ الاسلام حضرت سَيِّدُنا امام مُحمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”احياءُ العلوم“ ۾ فرمائن ٿا: ”مشهور عباسي خليفي هارون رشيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو جڏهن آخري وقت آيو تہ هو پنهنجي ڪفن کي اُٿل پُٿل ڪري حسرت مان ڏسندا رهيا ۽ سيپاري 29 سورةُ الحاقَّة جون هي آيتون پڙهندا رهيا:

مَآ اَغْنٰى عَنِّيْ مَالِيَهْ ﴿۲۸﴾
هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿۲۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: منهنجي ڪنهن ڪم نہ آيو منهنجو مال، منهنجي سموري طاقت تباهہ ٿي وئي.

(احياءالعلوم ج 5 ص 231)

## دنيا ۾ اچڻ جو مقصد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حقيقت هي آهي تہ هن دنيا ۾ اچي اسان سخت آزمائش ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون اسان جي اچڻ جو مقصد ڪجهہ ٻيو هو پر شايد اسان سمجهي ٻيو ڪجهہ وينا آهيون! اسان جي زندگيءَ جو انداز هي ٻڌائي رهيو آهي جو مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڻ اسان کي ڪڏهن مرڻو ئي ناهي، ياد رکو! اسان کي هتي هميشہ ناهي رهڻو، هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد صرف مال ڪمائڻ يا فقط دنيا جي علمن ۽ فُنون جون ڊگريون حاصل ڪرڻ ۽ صرف دنياوي ترقيون حاصل ڪندو رهڻ ناهي، سيپاري 18 سورة مُؤمن آية 115 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابو يعلي)

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾

**ترجموڪنزالايمان: تہ ڇا ٿا سمجهو جو اسان توهان کي بيڪار بڻايو آهي ۽ توهان کي اسان جي طرف ڦرڻو ناهي؟**

یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے
بن تُو مت انجان آخر موت ہے
مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی
عاقل و نادان آخر موت ہے
کیا خوشی ہو دل کو چندے زِیست سے
غمزدہ ہے جان آخر موت ہے
ملکِ فانی میں فنا ہر شَے کو ہے
سن لگا کر کان آخر موت ہے

بارہا علمیؔ تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

## وزارتون ڪم نہ ايندیون

الله تعالي انسان کي پنهنجي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن هن پنهنجي زندگي جي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل نہ ڪئي ۽ محشر جي ڏينهن گناهن جا ڍير ڪٺي پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ پيش ٿيو تہ دنيا جي بيشمار دولت بہ ان کي پنهنجي رب جي قهر ۽ غضب کان نہ بچائي سگهندي. دنياوي علم ۽ فن، ڪارخانا، هٿيار، دنياوي سفارش (SOURCE) عهدا، دنياوي آسائشون، شهرتون، قوّتون، دنياوي عظمتون الله تعالي جي بارگاهہ ۾ ڪامياب نہ ڪري سگهنديون.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو- (طبراني)

اقتدار جي نشي ۾ مست ٿي هڪ ٻئي جا عيب ڪڍڻ وارن، دهشت گردين جي بازار گرم ڪرڻ وارن! مسلمانن جا حق پامال ڪرڻ وارن جي لاءِ لمحهء فڪريه آهي، جيڪڏهن گناهن جي ڪري الله تعالٰي ناراض ٿي ويو، ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا، ۽ ايمان برباد ٿي ويو ته اهي اهي مشڪلاتون سامهون ايندڀون جن جو ڪڏهن حل نه ٿي سگهندو، قرآن پاڪ جي ٽيهين سيپاري ۾ سورةُ الهُمَزه ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ۙ﴿۱﴾ الَّذِىۡ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَهٗ ۙ﴿۲﴾ يَحۡسَبُ اَنَّ مَالَهٗۤ اَخۡلَدَهٗ ﴿۳﴾ كَلَّا لَيُنۡۢبَذَنَّ فِى الۡحُطَمَةِ ﴿۴﴾ وَمَاۤ اَدۡرٰٮكَ مَا الۡحُطَمَةُ ﴿۵﴾ نَارُ اللّٰهِ الۡمُوۡقَدَةُ ۙ﴿۶﴾ الَّتِىۡ تَطَّلِعُ عَلَى الۡاَفۡـِٕدَةِ ﴿۷﴾ اِنَّهَا عَلَيۡهِمۡ مُّؤۡصَدَةٌ ۙ﴿۸﴾ فِىۡ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ﴿۹﴾

ترجموڪنزالايمان: (الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم وارو) خرابي آهي انهن جي واسطي جيڪي ماڻهن جا منهن تي عيب ڪڍي پر پٺ گلا ڪري، جنهن مال گڏ ڪيو ۽ خوب ڳڻي رکيائين ڇا اهو سمجهي ٿو ته ان جو مال ان کي دنيا ۾ هميشه رکندو، هر گز نه ضرور اهو لتاڙڻ واريءَ ۾ ڦٽي ڪيو ويندو ۽ تو کي ڪهڙي خبر ته لتاڙڻ واري ڇا آهي الله جي باهه جيڪا ڀڙڪي رهي آهي، جيڪا دلين تي چڙهي ويندي، بيشڪ اها انهن تي بند ڪئي ويندي ڊگهن ڊگهن ٿنين ۾.

## چار بي بنياد دَعوائُون

حضرتِ سَيِّدُنا شَقِيق بَلۡخي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو ارشاد آهي: ”ماڻهو چئن شين جي دعويٰ ڪندا آهن پر انهن جو عمل انهن جي دعويٰ جي خلاف آهي، (1) انهن جو زباني قول هي آهي ته اسان

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها آهيون پر انهن جا عمل خود مختيارن جهڙا آهن. (2) جوندا آهن ته الله تعالٰي ئي اسان جي روزيءَ جو ڪفيل آهي، پر هو تمام گهڻو مال ۽ دولت جمع ڪري وٺڻ کان پوءِ به مطمئن ناهن ٿيندا (3) جوندا آهن ته دنيا کان آخرت بهتر آهي پر اهي صرف دنيا جي ئي بهتريءَ ۾ مصروف آهن (4) جوندا رهندا آهن ته اسان کي هڪ ڏينهن ضرور مرڻو پوندو پر زندگيءَ جو انداز اهڙو آهي جو ڄڻ ڪڏهن مرڻو ئي ناهي"

(عيون الحڪايات ص 75)

## پهرين دعوٰي "مان الله (عَزَّوَجَلَّ) جو ٻانهو آهيان"

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي غور جو مقام آهي يقيناً هر مسلمان هي اقرار ڪندو آهي ته "**مان الله** عَزَّوَجَلَّ **جو ٻانهو آهيان**" ۽ ظاهر آهي ٻانهو "پابند" هوندو آهي، پر اڄ ڪلهه اڪثر مسلمانن جا ڪم خود مختيارن جهڙا آهن. ڏسو! جيڪو ڪنهن جو ملازم هوندو آهي اهو ان جي مرضيءَ جي مطابق ڪم ڪندو آهي، يقيناً اسين الله تعالٰي جا ٻانها آهيون ۽ انهيءَ جو ئي رزق کائي رهيا آهيون، پر افسوس اسان جا ڪم ڪامل ٻانهن وارا ناهن، ان جو حڪم آهي نماز پڙهو، پر سستي ڪري ڇڏيندا آهيون، رمضان جي روزن جو حڪم آهي، پر اسان جو هڪ تعداد آهي جيڪو ناهي رکندو. اهڙيءَ طرح خدا تعالٰي جي ٻين احڪامن جي بجا آوريءَ ۾ سخت ڪوتاهيون ڪندا آهيون.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس . (ڪنزالعمال)

## ٻين دعوٰي ”الله عَزَّوَجَلَّ ئي روزي ڏيڻ وارو آهي“

بيشڪ ”الله تعالٰي ئي روزيءَ جو ڪفيل آهي“ پر پوءِ بہ رزق حاصل ڪرڻ جو انداز نهايت عجيب ۽ غريب آهي. الله تعالٰي کي رَزّاق مڃڻ ۽ روزي ڏيڻ وارو تسليم ڪرڻ جي باوجود نہ ڄاڻ ڇو ماڻهو وياج جي ڏيتي ليتي ڪندا آهن، وياج تي قرض وٺي فيڪٽريون هلائيندا ۽ عمارتون نهرائيندا آهن! جڏهن الله تعالٰي کي روزي ڏيڻ وارو تسليم ڪري ورتو تہ هاڻي ڪهڙي ڳالهہ رشوت وٺڻ تي مجبور ڪندي آهي؟ ڪهڙي سبب جي ڪري ملاوت وارو مال ڏوڪي سان وڪڻڻو ٿو پوي؟ ڇو چوريون ۽ ڦرمار ڪندا آهيون؟ روزيءَ جا هي حرام ذريعا آخر ڇو اپنائي رکيا آهن؟

## ٽين دعوٰي ”دنيا کان آخرت بهتر آهي“

يقيناً ”دنيا کان آخرت بهتر آهي“ هيءَ دعويٰ ڪرڻ جي باوجود صد ڪروڙ افسوس! انداز صرف ۽ صرف دنيا کي بهتر بنائڻ وارو آهي، فقط دنيا جي دولت گڏ ڪرڻ جي ئي مصروفيّت آهي، هر شخص مال جو ئي متوالو نظر اچي رهيو آهي ۽ زندگي گذارڻ جو نمونو ٻڌائي ٿو تہ ڄڻ دنيا مان ڪڏهن وڃڻو ئي ناهي .

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

# چوٿين دعوٰي ”هڪ ڏينهن مرڻو پوندو“

**يقينًا** ”اسان کي هڪ ڏينهن مرڻو پوندو“ هي تسليم ڪرڻ جي باوجود افسوس صد ڪروڙ افسوس! زندگي جو انداز اهڙو آهي جڻ ڪڏهن به مرڻو ئي ناهي، ڏسو! حضرت سَيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”اسان کي هڪ ڏينهن مرڻو پوندو“ ان دعوٰي جي عملي تصوير هئا، سندن جي زندگيءَ جو انداز هي هيو جو هر وقت ائين هراسيل هوندا هئا جڻ ڪين موت جي سزا ٻڌائي وئي هجي“ (احياء العلوم ج 4 ص 231 ملخصًا) جنهن کي اڄڪلهه ”بليڪ وارنٽ“ چوندا آهن. حالانڪ ان معنيٰ ۾ هر هڪ جي لاءِ بليڪ وارنٽ جاري ٿي چڪو آهي چو ته جيڪو به پيدا ٿيو آهي ان کي مرڻو ئي پوندو، هر ساهه وارو پيدا ٿيڻ کان پهريان ئي غالبًا ”هِٽ لِسٽ“ تي اچي چڪو آهي، يعني پيدا ٿيڻ کان پهريان ئي، ان جي روزي ۽ عمر جو تَعيّن ٿي ويو، بلڪ ان جي دفن ٿيڻ جي جڳهه به مقرر ٿي چڪي. ماءُ جي رحم ۾ انسان جو جسم ٺاهڻ لاءِ فرشتو زمين جي ان حصي مان مٽي کڻي ايندو آهي جتي هي ٻانهو عمر گذارڻ کان بعد مري دفن ٿيندو. ٻڌو! ٻڌو! ٻانهو پنهنجي حصي جي روزي کائي، زندگي گذاري ڪري ماڻهن جي ڪلهن تي جنازي جي کٽ تي سوار ٿي جڏهن قبرستان جي طرف ڏانهن روانو ٿيندو آهي ان وقت چا چوندو آهي، جيئن ته:

# جنازي جو اعلان

سرڪارِمدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب وسينه، فيض گنجينه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن ماڻهو ان جو (يعني مرڻ واري جو) نڪاڻو ڏسي وٺن ۽ ان جو ڪلام ٻڌي وٺن ته مُڙدي کي وساري ويهن ۽ پنهنجي جانين تي روئن. جڏهن مڙدي کي تختي تي رکي ڪري ڪنيو ويندو آهي ته ان جو روح بي چين ٿي تختي تي ويهي ندا ڪندو آهي: "اي منهنجا اهل ۽ عيال! دنيا توهان سان ايئن نه ڪيڏي جيئن اُن مون سان ڪيڏيو، مان حلال ۽ حرام مال گڏ ڪيو ۽ پوءِ اهو مال ٻين جي لاءِ ڇڏي آيس، ان جو نفعو انهن جي لاءِ آهي ۽ ان جو نقصان منهنجي لاءِ، بس جيڪو ڪجهه مون تي گذريو آهي ان کان ڊڄو". (يعني عبرت حاصل ڪيو) (التّذكرة لِلقرطبي ص 69)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور جو مقام آهي! واقعي هر جنازو زبردست مُبَلِّغ آهي ۽ جڻ اسان کي سڏي سڏي چئي رهيو آهي ته اي ٻوڙتي رهجي وڃڻ وارؤ! جهڙي طرح اڄ مان دنيا مان وڃي رهيو آهيان عنقريب توهان کي به منهنجي پويان اچڻو آهي. يعني **جنازو** جڻ ته اسان جي رهنمائي ڪري رهيو آهي!

جنازہ آگے بڑھ کے کہہ رہا ہے اے جہاں والو!
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس . (ڪنزالعمال)

# مڙدن سان گفتگو

”شرحُ الصُّدور“ ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا سعيد بن مُسَيَّب رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرتِ سَيِّدُنا علي المرتضيٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ الله تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم سان گڏ مدينہ منوّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي قبرستان وياسين تہ حضرت موليٰ علي كَرَّمَ اللّٰه تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم قبر وارن کي سلام ڪيو ۽ فرمايو: ”اي قبر وارؤ! توهان پنهنجي خبر ٻڌايو تا يا اسان ٻڌايون؟“ سَيِّدُنا سعيد بن مُسَيَّب رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمائن ٿا تہ اسان قبر مان ”وعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ“ جو آواز ٻڌو ۽ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: ”يا امير المؤمنين! توهان ئي خبر ڏيو تہ اسان جي مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيو؟“ حضرت موليٰ علي كَرَّمَ اللّٰه تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايو: ”ٻڌي ونو! توهان جو مال تقسيم ٿي ويو، توهان جي گهر وارين ٻيا نڪاح ڪري ڇڏيا، توهان جو اولاد يتيمن ۾ شامل ٿي ويو، جنهن گهر کي توهان گهڻو مضبوط ٺهرايو هو ان ۾ توهان جا دشمن آباد ٿي ويا.“ هاڻي توهان پنهنجو حال ٻڌايو. هي ٻڌي ڪري هڪ قبر مان آواز آيو. ”**يا اميرالمؤمنين!** ڪفن ذرا ذرا ٿي ويو، وار ڇڻي پکڙجي ويا، اسان جون گلون ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون، اسان جون اکيون نڪري ڳلن تي اچي ويون ۽ اسان جي ناسن مان گند (پونءِ) وهي رهيو آهي ۽ اسان جيڪو

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

ڪجهه اڳتي موڪليو (يعني جيڪي عمل ڪيا) انهيءَ کي حاصل ڪيو، جيڪو ڪجهه پوئتي ڇڏيو ان مان نقصان ڪنيو.“

(شرح الصدور ص 209 ابن عساڪر ج 27 ص 395)

## T.V ڇڏي مرڻ تي قبر جو عذاب

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** ”مرڻ کان پوءِ پنيان جا ڇڏيو“ ان تي ٻه ڀانهو غور ڪري نا جائز ڪاروبار يا جوا جو اڏو يا شراب جو دڪان يا ميوزڪ سينٽر يا فلم انڊسٽري يا سينيما گهر يا ڊراما گاهه يا گناهن جا اوزار وغيره ڇڏي مريا ته ان جو انجام نهايت ئي ڏڪائيندڙ آهي، هڪ عبرت وارو واقعو ٻڌو. جيئن ته هڪ اسلامي ڀاءَ برطانيه مان تحرير موڪلي هئي ان جو خلاصو پنهنجي انداز ۽ لفظن ۾ عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: ”اندروني سنڌ ۾ رهڻ واري هڪ بزرگ ٻڌايو ته هڪ رات مان قبرستان ۾ هڪ تازي قبر وٽ ويهي رهيس، هن لاءِ ته عبرت حاصل ٿئي، ويني ويني ننڊ جو جهوٽو اچي ويو ۽ قبر جو حال مون تي کُلي ويو، ڏسان ٿو ته قبر وارو باهه جي لپيٽ ۾ آهي ۽ رڙيون ڪري مون کي چئي رهيو آهي، ”مونکي بچايو! مونکي بچايو!“ مون چيو: مان ڪيئن بچايان؟ ان چيو، ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجو انتقال ٿيو آهي، منهنجو جوان پٽ هن وقت ٽي.وي تي فلم ڏسي رهيو آهي، جڏهن ٻه هو ايئن ڪندو آهي مون تي شديد عذاب شروع ٿي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي . (ترغيب وترهيب)

ويندو آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جي واسطي منهنجي جوان پٽ کي سمجهايو تہ عيش پرستين ۾ نہ پوي، **هو اها ٽي.وي نہ ڏسندو ڪري چو تہ ان کي مون ئي خريد ڪيو هو ۽ هاڻي ان جي ڪري مان قاسي ويو آهيان**، افسوس! جو مون ان جي دنياوي تربيّت تہ ڪئي ليڪن اسلامي تربيّت نہ ڪئي، ان کي گناهن کان منع نہ ڪيو ۽ آخرت جي معاملن کان خبردار نہ ڪيو. قبر واري پنهنجو نالو ۽ پتو بہ ٻڌايو. اهڙيءَ طرح مان صبح جو ويجهي ڳوٺ ۾ واقع ان شخص جي گهر پهتس، نوجوان رات جو ٽي.وي تي فلم ڏسڻ جو اعتراف ڪيو، مان جڏهن ان کي پنهنجو خواب ٻڌايو تہ هو صدمي مان روئڻ لڳو ۽ ان پنهنجي گهر مان .T.V ٻاهر ڪڍي ڇڏي.

## آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪباد

**هڪ** ميجر جو بيان آهي تہ مان انهن ڏينهن ۾ منگلا ڊيم ۾ هوندو هئس "دينہ" (جهلم) جي اسلامي ڀائرن سنّتن ڀري بيان جون ڪجهہ ڪيسٽون تحفي ۾ ڏنيون. اهي ڪيسٽون گهر ۾ هلايون ويون، ان ۾ باب الاسلام سنڌ جي بُزرگ وارو واقعو بہ هيو ٻڌي ڪري اسان سڀ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڊجي وياسين ۽ اتفاقِ راءِ سان ٽي. وي کي گهران ڪڍي ڇڏيو. خدا جو قسم! T.V گهر مان ڪڍي ڇڏڻ جي تقريبًا هڪ هفتي ڪانپوءِ منهنجي ٻارن جي ماءُ (غيب جي خبر ڏيڻ واري) مدني

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

سرڪار صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي ۽ پياري پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **مبارڪ هجي جو توهان جو گهر مان ٽي.وي ڪڍي ڇڏڻ وارو عمل الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ منظور ٿي ويو آهي.**

هي ان وقت جا واقعا آهن جڏهن دعوت اسلامي عورت ۽ موسيقي وغيره کان پاڪ 100 فيصد اسلامي ”مدني چينل“ جو آغاز نه ڪيو هو ”مدني چينل“ کان علاوه سڄي دنيا ۾ تادمِ تحرير منهنجي معلومات جي مطابق هاڻي به ڪو شرعي چينل ناهي. انهيءَ ڪري بيان ڪيل ٻئي واقعا بلڪل درست آهن ڇو ته اهي ماڻهون گناهن وارا پروگرام ڏسندا هئا. هينئر به مختلف چينلن تي گناهن وارا پروگرام ڏسڻ وارن جي لاءِ اها ئي درخواست آهي ته اهي ٽي.وي کي گهر مان ڪڍي ڇڏين ۽ ان جي ذريعي جيترا گناهه ڪيا انهن کان توبهه به ڪن، ها جيڪڏهن ڏسڻو ئي آهي بلڪ ضرور ڏسو ۽ ان جي لاءِ اهڙي ترڪيب فرمايو جو توهان جي ٽي وي تي صرف ۽ صرف مدني چينل ئي هلي. تلاوتِ قرآن، نعت شريف، سنّتن ڀريا بيان ۽ رنگين مدني گلن جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جو گهر امن وارو ٻڻجي ويندو. ٻين چينلن کي بند ڪرڻ جا ٽي طريقا ملاحظ ڪريو:

(1) مينوئل ٽيوننگ جي ذريعي پنهنجي مطلوبه چينل کي ٻين

سيني چينلن تي سيٽ ڪري ڇڏيو. (2) ٽي.وي ۾ ڏنل بلاڪ سسٽم جي ذريعي بيا چينل بند ڪري ڇڏيو. (3) اڄڪلهه نئين ڊيوائس ۾ مخصوص چينل کي پاس ورڊ به لڳائي سگهو ٿا.

## حيلا بهانا نه ڪريو

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** هاڻي ڏسو! ڪهڙو خوشنصيب اهڙو آهي جيڪو پنهنجي گهر مان T.V ڪڍي ٿو يا صرف مدني چينل جي لاءِ خاص ڪري ٿو ۽ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪهڙو بدنصيب اهڙو آهي جيڪو ٿي. وي ڇڏي مري ٿو ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نه ڪري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نه ڪري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نه ڪري، قبر ۾ ڦاسي ٿو! شايد شيطان توهان کي وسوسا وجهي ته خبر ناهي دعوتِ اسلامي وارا ڪٿان ڪٿان کان هي "واقعا" ڪٽي ايندا آهن، ٽي.وي ته "فلاڻي فلاڻي" جي گهر ۾ به هئي، ڏسو! مون کي مطمئن ڪرڻ جي لاءِ هي دليل ڪافي ناهي. توهان منهنجي بيان ڪيل واقعن کي تسليم ڪريو يا نه ڪريو پر خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ رکڻ وارن جو ضمير پڪاري پڪاري چئي رهيو هوندو ته هي T.V گناهن جي ميٽر کي تيزيءَ سان هلائڻ واري آهي. هن معاشري کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو، اخلاق خراب ڪري ڇڏيا، بي حيائي ۽ بي پردگي ان ٽي.وي جي سبب تمام گهڻي عام ٿي وئي، ۽ ڪجهه ڪمي رهجي وئي هئي ته اها ڊش اينٽينا پوري ڪري

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعالٰي توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڇڏي، T.V اسان جي عورتن کي نوان فيشن سيکاريا، اسان جي نوجوان پُٽن کي عشق جا افسانا ٻڌائي ڇوڪرين جي عشق ۾ ڦاسائي انهن جون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون ۽ انهيءَ چڪر ۾ اسان جي عورتن جون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون، ۽ ننڍن ننڍن ٻارن جي حالت اها ڪري ڇڏي جو هو موسيقي جي ڌُنن تي ٽنگون لوڏيندي ۽ ناچ ڏيکاريندي نظر اچن ٿا. هاڻي رهي سهي ڪسر انٽرنيٽ پوري ڪرڻ لڳي آهي، مسلمان تباهي جي اونهي کڏي ۾ ڪرندا پيا وڃن، اسلام جون دُشمن طاقتون بُري طرح پنيان لڳي ويون آهن ۽ انهن ايتريقدر عيش عشرتن جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي جو مسلمان ڪافرن جا محتاج ٿي رهجي ويا آهن. حالانڪ هڪ مدني دور اهو به هو جو صرف 313 مسلمان بَدّر جي ميدان ۾ آيا ته انهن نامُراد ڪافرن جي هڪ هزار جي تمام گهڻي لشڪر جا ڇڪا ڇڏائي ڇڏيا ۽ انهن جو شان هي هيو ته:

غلامانِ محمد جان دينے سے نہیں ڈرتے
یہ سر کٹ جائے یا رہ جائے وہ پروا نہیں کرتے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پنهنجي گناهن کان سچي توبهه ڪريو ۽ هي به واعدو ڪريو ته آئنده گناهن کان بچي نيڪيون ڪندا رهنداسين. اچو! ڏجي ڪري توبهه ڏانهن اچڻ لاءِ ڪجهه گناهن جا عذاب ٻڌون ٿا.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

# خوفناڪ وادي

جهنّم ۾ غَيّ نالي هڪ خوفناڪ وادي آهي جنهن جي گرمي کان جهنم جون ٻيون واديون پناهه گهرنديون آهن. هيءَ وادي زانين، شرابين، وياج خورن، ڪوڙن گواهن، ماءُ پيءُ جي نافرمانن ۽ بي نمازين جي لاءِ آهي. (روح البيان ج 5 ص 345)

# گنجو اَزدها

حضرت سَيِّدُنا ابوهُريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي ته رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ مال عطا فرمايو ۽ ان انهيءَ جي زڪوٰة ادا نه ڪئي ته قيامت جي ڏينهن ان جي مال کي هڪ گنجي ازدها جي صورت ۾ بڻايو ويندو ۽ ان ازدها جا ٻه ٽِڪَّ هوندا. (جيڪي ان جي تمام گهڻي زهريلي هجڻ جي نشاني آهي) ۽ اهو ازدها ان جي ڳچيءَ جو ڳَٽ بڻايو ويندو جيڪو پنهنجي ڄاڙين سان ان کي پڪڙيندو ۽ چوندو، مان آهيان تنهنجو مال، تنهنجو خزانو.

(بخاري ج1 ص 474 حديث 1403)

# 40 ڏينهن تائين نمازون نامقبول

شراب پيئڻ وارا ڪن ڪولي ٻُڌن ۽ ڏکي وجن ته، رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جيڪو شراب پيئندو چاليهن ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نه ٿيندي.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي . (عبدالرزاق)

جيڪڏهن ان توبهہ ڪئي تہ الله تعالٰي ان جي توبهہ قبول فرمائيندو. پوءِ جيڪڏهن ٻيهر شراب پيتائين تہ پوءِ چاليهن ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نہ ٿيندي جيڪڏهن ان توبهہ ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي توبهہ قبول فرمائيندو. پوءِ جيڪڏهن ٽيون ڀيرو شراب پيتائين تہ پوءِ چاليهن ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نہ ٿيندي ان کانپوءِ ان توبهہ ڪئي تہ الله تعالٰي ان جي توبهہ قبول فرمائيندو. پوءِ جيڪڏهن چوٿون ڀيرو شراب پيتائين تہ پوءِ چاليهن ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نہ ٿيندي ان کان پوءِ ان توبهہ ڪئي تہ ان جي توبهہ قبول نہ ٿيندي ۽ ان کي نَهرِ خَبال (يعني دوزخين جي پونءِ جي نهر) مان پياريندو. (ترمذي ج 3 ص 341 حديث 1869)

## شيرِ خُدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شراب کان نفرت

اميرُالْمُؤمنين، سَيِّدُنا عليُّ المُرتضيٰ، شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم شراب کان نفرت جو اظهار ڪندي فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن ڪنهن کوهہ ۾ شراب جوهڪ قطرو ڪري پوي ۽ ان تي منارو تعمير ڪيو وڃي مان ان مناري تي اذان نہ ڏيان، جيڪڏهن ڪنهن درياءَ ۾ شراب جو هڪ قطرو ڪري پوي پوءِ اهو درياءُ خشڪ ٿي وڃي ۽ اتي گاهہ ڦٽي اچي تہ ان گاهہ ۾ مان پنهنجا جانور نہ چاريان.“ (روح البيان ج 1 ص 340)

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي دروودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

## ظالِم والِدين جي بہ اطاعت

ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ وارن کي گهبرائي ڪري توبهہ ڪرڻ گهرجي ۽ والدين کان معافي گهري انهن کي راضي ڪرڻ گهرجي، نہ تہ ڪٿي جا نہ رهنداسين، سرڪارِ نامدار، مڪي مديني جي تاجدار، محبوبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ان حال ۾ صبح ڪئي جو پنهنجي ماءُ پيءُ جو فرمانبردار آهي،ان جي لاءِ صبح جو ئي جنّت جا ٻہ دروازا کلي ويندا آهن ۽ ماءُ پيءُ مان هڪ ئي هجي تہ هڪ دروازو کلندو آهي ۽ جنهن ان حال ۾ شام ڪئي جو ماءُ پيءُ جي باري ۾ الله جي نافرماني ڪري ٿو ان جي لاءِ صبح جو ئي جهنّم جا ٻہ دروازا کلي ويندا آهن ۽ (ماءُ پيءُ مان) هڪ هجي تہ هڪ دروازو کلندو آهي. هڪ شخص عرض ڪيو: چاهي ماءُ پيءُ ان تي ظلم ڪن. فرمايائون: ”چاهي ظلم ڪن، چاهي ظلم ڪن، چاهي ظلم ڪن. (شعب الايمان ج 6 ص 206 حديث 7916)

## واعدي خلافي جو وبال

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن والدين شريعت جي خلاف حڪم ڏين تہ ان ڳالهہ ۾ انهن جي فرمانبرداري نہ ڪئي وڃي. مثلاً حرام روزي ڪمائي آڻڻ يا ڏاڙهي ڪوڙڻ جو حڪم ڏين تہ هي ڳالهيون نہ مڃيون وڃن، **گناهہ جي ڳالهين ۾**

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري ڪرڻ وارو گناهگار ۽ جهنّم جو حقدار ٿيندو. جيڪي ڳالهه ڳالهه تي واعدو ڪري ويهن پر بنا شَرعي عُذر جي پورو نہ ڪن انهن جي لاءِ غور ڪرڻ جي جاءِ آهي، جيئن تہ مڪّي مديني جي سلطان، سرڪارِ دوجهان صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جيڪو ڪنهن مسلمان سان عهد شڪني (يعني واعدي خلافي) ڪري ان تي اللّٰه تعالٰي ۽ فرشتن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي ۽ ان جو نہ ڪو فَرض قبول ٿيندو نہ نفل. (بخاري شريف ج 1 ص 616 حديث 1870)

## پيٽ ۾ نانگ...

سرڪارِ مدينۂ منوّره، سردارِ مڪۂ مڪرَّم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان حقيقت نشان آهي تہ معراج واري رات مون کي هڪ اهڙي قوم وٽ سير ڪرايو ويو جو انهن جا پيٽ ڪوٺڙين جي مثل هئا. جن ۾ نانگ پريل هئا جيڪي پيٽن جي ٻاهران نظر اچي رهيا هئا، مون پڇيو: اي جبرئيل هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ تہ ان چيو: ”هي وياج کائڻ وارا آهن“ (سنن ابن ماجہ ج 3 ص 71 حديث 2273)

## 36 ڀيرا زِنا کان وڌيڪ بُرو

اللّٰه جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت بنياد آهي: وياج جو هڪ درهم جاڻي

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)

واٽي ڪائڻ چٽيهه پيرا زِنا ڪرڻ ڪان بہ وڌيڪ سخت ۽ وڏو گناهه آهي. (سنن الدار قطني ج3 ص 19 حديث 2819)

## جهنم جو ڪاڏو

حضرت سَيِّدُنا عبدالله ابنِ مسعود رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ ٻانهو جيڪو حرام مال ڪمائيندو جيڪڏهن خرچ ڪندو تہ ان ۾ برڪت نہ هوندي ۽ جيڪڏهن صَدَقو ڪندو تہ اهو مقبول نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهيءَ کي (يعني حرام مال کي) پنهنجي پنيان ڇڏي مري ويندو تہ اهو ان جي لاءِ جَهنَّم جو ڪاڏو بڻجندو. (مسند امام احمد ج2 ص 34 حديث 3672)

وياج جون تباهڪاريون ۽ ان ڪان بچي تجارت وغيره ڪرڻ جي طريقن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو شايع ٿيل 92 صفحن جو رسالو ”وياج ۽ ان جو علاج“ ضرور پڙهو. اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ توهان جون اکيون کلي وينديون.

## سنت جون بهارون

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** هوش ۾ اچو، غفلت ڪان سجاڳ ٿيو، جلد توبهہ ڪري وٺو، يورپي تهذيب ڪان پيڇو ڇڏايو، مٺي مٺي آقا مڪي مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٺين مٺين سنّتن تي عمل ڪريو، پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ ٻين

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلٰی)

جي اصلاح جو بہ ذهن ٻڌايو. نيڪيءَ جي دعوت جي خاطر سخت مَشَقَّت برداشت ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪريو. جان، مال ۽ وقت سڀ ڪجهه سنّت کي زنده ڪرڻ جي لاءِ قربان ڪرڻ جو ذوق وڌايو ۽ نيّت ڪريو تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** . (اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ) پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **مَدَني اِنْعامات** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مهڪندڙ مَدَني ماحول ۾ بڪثرت سنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن. هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي شهر ۾ ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ سڄي رات گذارڻ جي مدني التجا آهي، عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو "**فڪرِ مدينہ**" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول ٺاهيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابندِ سنّت بنجڻ، گناهن سان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفاظت جو ذهن ٺهندو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعالي توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪريان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت مصطفٰي جان رحمت، شمع بزم هدايت، نوشهء بزم جنّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساڪر ج 9 ص 343)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبرءِ دفن جا 22 مدني گل

فرمانِ الاهي عَزَّوَجَلَّ:

اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا ﴿۲۵﴾ اَحْيَآءً وَّ اَمْوَاتًا ﴿۲۶﴾

ترجموڪنزالايمان: ڇا اسان زمين کي گڏ ڪندڙ نہ بنايو. توهان جي جيئرن ۽ مئلن جي واسطي.

هن آيت مبارڪ جي تحت "نُورُالعرفان" صفحہ 927 تي آهي: "هن طرح جو زنده زمين جي پُشت (يعني پُٺ) تي ۽ مڙدا زمين جي پيٽ ۾ جمع آهن" ❖ ميّت کي دفن ڪرڻ فرضِ ڪفايہ آهي (يعني ڪنهن هڪ بہ دفنائي ڇڏيو تہ سڀ بَرِيُّ الذّمہ ٿي ويا، نہ تہ جنهن جنهن کي خبر پهتي هئي ۽ نہ دفنايو گناهگار ٿيو) هي جائز ناهي تہ ميّت کي زمين تي رکي ڇڏيو ۽ چوڌاري ديوارون ڏئي بند ڪري ڇڏيو. (بهارِ شريعت ج 1 ص842) ❖ قبرون بہ الله عَزَّوَجَلَّ جون نعمتون آهن جن ۾ مُڙدا دفن ڪيا ويندا آهن

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

تہ جيئن جانور ۽ ٻيون شيون انهن جي اهانت (يعني توهين) نہ ڪن ❖ صالِحِين (يعني نيڪ ٻانهن) جي ويجهو دفن ڪرڻ گهرجي ڇو تہ انهن جي قُرب جي برڪت ان کي پهچندي آهي، جيڪڏهن معاذ الله مستحقِ عذاب (يعني عذاب جو حقدار) بہ ٿي ويندو آهي تہ اهي شفاعت ڪندا آهن، اها رحمت جيڪا انهن تي نازل ٿيندي آهي ان کي بہ گهيري وٺندي آهي. حديث ۾ آهي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "پنهنجي اموات (يعني مڙدن) کي سٺن ماڻهن سان گڏ دفن ڪريو."[1] (فتاوٰي رضويہ ج9 ص 385) ❖ رات ۾ دفن ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي (جوهره ص141) ❖ هڪ قبر ۾ هڪ کان وڌيڪ بغير ضرورت دفن ڪرڻ جائز ناهي ۽ ضرورت هجي تہ ڪري سگهجي ٿو. (بهارشريعت جلد اوّل ص 846، عالمگيري ج 1 ص 166) ❖ جنازو قبر کان قبلي جي طرف رکڻ مستحب آهي تہ جيئن ميّت قبلي جي طرف کان قبر ۾ لاٿو وڃي. قبر جي پيرن واري پاسي کان رکي مٿي واري پاسي کان نہ لاهيو. (بهار شريعت ج 1 ص844) ❖ حسب ضرورت بہ يا ٽي ۽ بهتر هي آهي تہ طاقتور ۽ نيڪ ماڻهو قبر ۾ لهن. عورت جي ميّت کي محارم لاهين اهي نہ هجن تہ ٻيا رشتيدار اهي بہ نہ هجن تہ پرهيزگارن کان لهرايو. (عالمگيري ج 1 ص 166) ❖ عورت جي ميّت کي لاهڻ کان وٺي تختا لڳائڻ تائين ڪنهن ڪپڙي سان

[1] حلية الاولياء ج 6 ص 390 رقم 9042

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)

لڳائي رکو ❖ قبر ۾ لاهڻ وقت هي دعا پڙهو بِسْمِ اللّٰهِ وَ بِا للّٰهِ وَ عَلٰى مِلَّةِ رَسُوْلِ اللّٰه (تنوير الابصار ج 3 ص 166) ❖ ميّت کي ساڄي پاسي ليٽايو ۽ ان جو منهن قبلي ڏانهن ڪري ڇڏيو ۽ ڪفن جي ڳنڍ کولي ڇڏيو ڇو ته هاڻي ضرورت ناهي، نه کولي تڏهن به حرج ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 166، جوهره ص 140) ❖ ڪفن جي ڳنڍ کولڻ وارو هي دعا پڙهي اَللّٰهُمَّ لَا تَحْرِمْنَا اَجْرَهٗ وَلَا تَفْتِنَّا بَعْدَهٗ ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي ان جي ثواب کان محروم نه ڪر ۽ اسان کي ان کان پوءِ فتني ۾ نه وجهه. ❖ قبر ڪچين سرين[1] سان بند ڪري ڇڏيو جيڪڏهن زمين نرم هجي ته (ڪاٺ جا) تختا لڳائڻ جائز آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 844) هاڻي مٽي ڏني وڃي، مستحب هي آهي ته مٽي وٺان بنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وجهو. پهريون ڀيرو پڙهو مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ[2] ٻيو ڀيرو وَفِيْهَا نُعِيْدُكُمْ[3] ٽيون ڀيرو وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى[4] پڙهو. هاڻي باقي مٽي ڪوڏر وغيره سان وجهي ڇڏيو. (جوهره ص 141) ❖ جيتري مٽي قبر مان نڪتي آهي ان کان وڌيڪ وجهڻ مڪروهه آهي. (عالمگيري ج 1 ص 166)

---

[1] قبر جي اندروني حصي ۾ باهه جون پڪل سرون لڳائڻ منع آهي پر گهٽي طور هاڻي سيمنٽ جي ديوارن ۽ تختن جو رواج آهي ته پوءِ سيمنٽ جي ديوارن ۽ سيمنٽ جي تختن جو اهو حصو جيڪو اندر جي طرف رکڻو آهي ڪچيءَ مٽي جي گاري سان ليپي ڇڏيو. الله پاڪ مسلمانن کي باهه جي اثر کان محفوظ رکندو.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[2] اسان زمين مان ئي توهان کي بڻايو.

[3] ۽ انهيءَ ۾ توهان کي وري وني ويندا سين.

[4] ۽ انهيءَ مان توهان کي ٻيهر ڪڍنداسين

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدى)

❖ هٿ ۾ جيڪا مٽي لڳي آهي ان کي ڇاهيو تہ ڇَندي ڇڏيو يا ڌوئي ڇڏيو. (بهار شريعت ج 1 ص 845) ❖ قبر چؤڪندي نہ ناهيو بلڪ ان کي اٺ جي ڪوهان وانگر ناهيو، (دفن ڪان پوءِ) ان تي پاڻي ڇڙڪڻ بهتر آهي، قبر هڪ گرانٺ اونچي هجي يا ٿورڙي وڌيڪ. (بهارشريعت ج 1 ص 846) (ملخصا عالمگيري ج1 ص 166، ردالمحتار ج 3 ص 168) دفن ڪان پوءِ قبر تي اذان ڏيڻ ڪارِ ثواب ۽ ميّت جي لاءِ نهايت نفعي بخش آهي (ماخوذ از فتاوٰي رضويہ مخرّجہ ج 5 ص 370) ❖ مستحب هي آهي تہ دفن ڪان پوءِ قبر تي سورة بقره جو شروع وارو ۽ آخري حصو پڙهو، سيراندي (يعني مٿي واري پاسي وٽ) الٓمّٓ کان مُفۡلِحُوۡن تائين ۽ پيراندي (يعني پيرن واري پاسي وٽ) اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ کان ختم سورت تائين پڙهو. (بهار شريعت ج1 ص 846) ❖ دفن ڪان پوءِ قبر وٽ ايتري دير تائين بيهڻ مُسۡتَحَبۡ آهي جيتري دير اٺ ذبح ڪري گوشت تقسيم ڪيو وڃي. ڇو تہ انهن جي رهڻ سان ميّت کي آرام ايندو ۽ نڪيرين جو جواب ڏيڻ ۾ وحشت نہ ٿيندي ۽ ايتري دير تائين تلاوتِ قرآن ۽ ميّت جي لاءِ دعا ۽ استغفار ڪريو ۽ هي دعا ڪريو تہ نڪيرين جي سوالن جي جواب ۾ ثابت قدم رهي. (ايضًا) ❖ شجره يا عهد نامو قبر ۾ رکڻ جائز آهي ۽ بهتر هي آهي تہ ميّت جي منهن جي سامهون قبلي جي طرف طاق (کڏڻو) ناهي ان ۾ رکو، بلڪ ”دُرّمختار“ ۾ ڪفن تي عهد نامو لکڻ کي جائز چيو آهي ۽ فرمايو تہ هن سان مغفرت جي اميد آهي ۽ ميّت جي ڇاتي ۽

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

پيشاني تي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکڻ جائز آهي. هڪ شخص ان جي وصيت ڪئي هئي، انتقال کان بعد ڇاتي ۽ پيشاني تي بِسْمِ الله شريف لکي وئي پوءِ ڪنهن خواب ۾ ان کي ڏٺو، حال پڇيو، چيائين: جڏهن قبر ۾ رکيو ويو، عذاب جا فرشتا آيا، فرشتن جڏهن پيشاني تي بِسْمِ الله شريف ڏٺي ته چيائون: تون عذاب کان بچي وئين. (دُرّ مختار، غُنيه، عن التّاتار خانيه) ❖ هيئن به ٺيڪ تي سگهي ٿو ته پيشاني تي بِسْمِ الله شريف لکو ۽ ڇاتي تي ڪلمهءِ طيبه لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پر وهنجارڻ کان بعد ڪفن پارائڻ کان اڳ ۾ آڱر سان لکو مَسُ (INK) سان نه لکو. (بهار شريعت ج 1 ص 846) ❖ قبر مان ميت جون هڏيون ٻاهر نڪري اچن ته ان هڏين کي دفن ڪرڻ واجب آهي. (ماخوذ از فتاوٰي رضويه ج 9 ص 406)

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن جو ڪتاب "سنّتين اور آداب" هديةً حاصل ڪريو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيّت جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافِلن ۾ عاشقانِ رَسُول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنَّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

